SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 1981

SINDH ORDINANCE NO. IX OF 1981

سنڌ وقف ملڪيتون (ترميم) آرڊيننس، 1981

THE SINDH WAQF PROPERTIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

2. سنڌ آرڊيننس IX مجريه 1979، جي دفعه 7 ۾ تبديلي.
Amendment of section 7 of Sindh Ordinance IX of 1979.

سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 1981

SINDH ORDINANCE NO. IX OF 1981

سنڌ وقف ملڪيتون (ترميم) آرڊيننس، 1981

THE SINDH WAQF PROPERTIES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1981

[7 مئي 1981]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۽ حڪم برائي قانون (نفاذ ۽ تسلسل) 1977 جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي نافذ فرمائي ٿو:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ وقف ملڪيتون (ترميم) آرڊيننس، 1981 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ آرڊيننس IX مجريه 1979، جي دفعه 7 ۾ تبديلي.
Amendment of section 7 of Sindh Ordinance IX of 1979.

2. سنڌ وقف ملڪيتون آرڊيننس 1979 جي تحت دفعه 7 ۾ ذيلي دفعه (2) کي متبادل سمجهيو ويندو.

"(3) حڪومت ذيلي دفعه 1 جي تحت نوٽي فڪيشن جاري ڪري ڪنهن وقف ملڪيتن کي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس 1979 هيٺ ٽرانسفر ڪري سگهي ٿي ۽ پوءِ ان ٽرانسفر جي بنياد تي ڪائونسل يا ان جو بااختيار ميمبر پنهنجي اختيارن کي استعمال ڪندي چيف ايڊمنسٽريٽر جا

فرض سر انجام ڏيندو ۽ حڪومت جي منظوري سان ڪائونسل پاران ڪو بااختيار عملدار اختيار استعمال ڪندي ٽرانسفرڊ وقف ملڪيتن جي حوالي سان ايڊمنسٽريٽر جا فرض انجام ڏيندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.